نہ اڪيلو ڇڏيندا هئا.“

”۽ توسان ڳالهائين سڀ سنڌي ۾؟ مئا ڪانوينٽون جو پڙهيا، سي اجايون وئون...“

”ماٺ ڪر منهنجيءَ بيوقوف ڀيڻ. ڪوئي ٻڌي نہ وٺي!“ ڪانوينٽن جي انگريزي ڏنڌي لاءِ اتن ۾ مون جو چمچي چمچي سان گڏ تڇ ڏينديءَ ٻارن ڪي مادري سنڌي ٻولي سيکاري، سا پلي اجهڪي وڃي؟“

ڪنڌ لوڏي لوڏي ڪشن ماءُ، پنهنجي اندر ۾ ڪيتري دير پيچ گهڙ ڪندي رهي. اوچتو ڪجهہ ياد اچي ويس سوفا جي پاسي گهنٽيءَ جو سئچ دٻايائين تہ نوڪر اچي بيٺو. رام ماءُ کي پڇيائين، ”پلا ڇا پيئندينءَ سوڊا يا لمليٽ...“ چوندي چوندي ڪشن ماءُ ٻوٿ تي وڏو رکي کلڻ لڳي.

رام ماءُ چيو، ”اها گوليءَ واري لمليٽ جيڪا سنڌ ۾ آڱوٺي سان کوليندا هئاسين...“ چوندي چوندي کلڻ ۾ ٺهڪ ڏيڻ لڳي. ڪشن ماءُ چيس ”اصل سنڌ وارا ٻڌلٻڌا ٺهڪ ٿيئي اچ تہ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي سڪ واسي ڇڏيو اٿيئي.“

# ٻه ساٿ

سندر جي ماءُ کي خبر پيئي ته اڄ سندس ننهن جو ٽي ويءَ تي نرتيه پروگرام آهي. سو سويلئي اچي، پاڙي واريءَ جهامن ماءُ جي گهر پروگرام ڏسڻ ويئي.

جهامن جو پروگرام ڏٺو ته سندر ماءُ کي پنيانڀنهي ڪلهن کان جهلي چيائين، ”امي ! تنهنجو سندر ته ڀاڳن وارو آهي.“

”ايٻس ڪر هاڻي“... جهامن ماءُ پٽ کي جهڻڪيو، ”مان ته ماريا ههڙيءَ نچڻيءَ سان توکي ڪڏهن نه پرڻايان.“

سندر ماءُ جو منهن لهي ويو. ٽي ويءَ تي جيترو وقت نرتيه جو پروگرام هلندو هليو اوترو وقت ته ڪيس ننهن لاءِ ڪا شڪايت ڪانه هئي. پر جهامن ماءُ جو اعلان، ته مان جيڪر نچڻي ننهن نه وٺان، تنهن سندر ماءُ جو موڊ خراب ڪري ڇڏيو. واپس گهر ۾ اچي ته ننهن جو ناچ ڏٺي اکين اڳيان ڦريس. جهامن ماءُ جا اکر ٻه مغز ۾ ٽپي وڃيس.

سندر رات جو دير سان گهر ۾ آيو. ماءُ ڪاڏي جي ٿالهي پٽ جي اڳيان رکي، پاڻ مور جهور ٿي وڃي ڪرسي تي ويٺي.

سندر چيو سياڻي ٿي وي وارو ٿي وي ڪٽي ايندءِ.

”آخر ٿهي ويئي... اجايو اڄڀين جي درن تي ڏکا ڪڪڙا پيا.“

سندر چيو، ”ڪڪين جو ڪونه ٿي؟“

”گرهه ڀيسيم ته ڪان نه!“

سندر ته چرڪ ڀري مٿي ڏٺو، ”چو ڪجهه ٿيو آهي ڇا؟“

”اڄ ٽي ويءَ تي ڏسي آيس تنهنجي نيلم نچڻي. مان ڪونه انهيءَ سان شادي ڪرڻ ڏيندي سانءِ.“

”تبيءَ ڪنهن سان ته مان شادي ڪرڻ وارو ئي ناهيان.“

”ته ناچ چڻڪيس.“

”اما! چا پيئي چوين؟ ڪيڏا خرچ ڪري ته هن ڪڙيءَ تي پهتي آهي“ جهڙي اپسرا... تون ته شو جي پوڄارڻ آهين. شو جو تانڊو نرتيه نهڏو اٿيئي؟“

”اهي ٿيا ديوتائون. انهن جي ڳالهه ئي نه ڪر. مان سيني جون ڳالهيون ٻڌندي رهان ته نچڻي ننهن ورتي اٿس!“

”ڪير آهن اهڙا چريا؟ هونديون ڪي مدي خارج زالون. باقي نئين نسل مان ڪير ڪين چوندو ته نرتيه ڪلا خراب چيز آهي. خبر اٿيئي مدراس ۾ هرڪا چوڪري نرتيه سڪندي آهي“.

”ته اسين مدراسي آهيون ڇا؟“

”الائجي ڪهڙا چريا ماڻهو آهن؟ هاڻي اسانجي ڪملا کي راڳ جو هيڏو شوق آهي“ ”مان ڏسج ڪيئن تي اهو ڪاڪڙو مئي پٺي رکانس. اجان ننڍي آهي. ملڪي متيءَ جا ڏينهن ٿين ته ڏسج ڪيئن ٿي نرگهٽ ساڙي رکانس!“

سندر سوچ ۾ پئجي ويو. ڪيس ماءُ جي شڪل ۾ ڪالي ماتا نظرآئي. پر رات جو سمهڻ مهل وري سندر کي اهو نظارو اڳيان ڦرڻ لڳو جڏهن نيلم تي ويءَ تي نرتيه لاءِ وڃي رهي هئي ته پهرين گروءَ کي نمسڪار ڪري اچي سندس اڳيان ٻيني هئي. سندس پاڪ پوتر من اچل ڪلئي هن ديوتا سروپ مورتيءَ کي ويڙهجي وڃڻ چاهيو هو. نيلم هٿ کڻي سندس پيرن تي رکيا ۽ وري اهي آگريون ڏاڍيءَ صداقت سان پنهنجي اکين سان ڇهڻي ڇڏيائين. سندر جي انگ انگ ۾ هڪ سنگيت گونجڻ لڳو. آهه زندگي! سرڳ! سرڳ آهي سچو. سندس لاليءَ لڳل هٿ جهڙا ملايم گلاب جا گل. نيلم سڄي ساري سندر وسترن ۽ منين ۾ سينگاريل پارت ناٽيم جي پهراءُ ۾ سونهن جي ديوي ٿي لڳي. سندس مرڪندڙ چپ ته سندر ڪان وسريائي نٿي.

اوچتو سندر جي ڇاتيءَ تي ڪنهن اچي هٿ هنيا. سندس سپنو سنگيت ٽٽي پيو.

”مان ٻڌائي ٿي ڇڏيانءِ، مونکي اها ننهن گهر ۾ آڻڻي ناهي!“ چوندي چوندي ماءُ گهڙيءَ سندر جي ڇاتيءَ تي ٻه ٻجا ٿي هنيا، گهڙيءَ پنهنجو مٿو ٿي پٽيائين. بلڪل هسٽيريا ۾ اچي ويئي. تڏهن سندر ڪيس پاڪر پائي چيو، ”اما جيئن تون چوندينءَ

ڪملا اندر اچي ڪتاب کڻي پڙهڻ ويٺي.

وقت، گهڙيون، پل، هفتا، مهنا گذرندو رهيو.

آخر هڪ ڏينهن دوستن جي ساٿ سان، سندر ڪورٽ ۾ شادي ڪري نيلم کي ڪنوار جي سجي ڌڄي روپ ۾ گهر وٺي آيو.

ماءُ رنو رڙيو. "سڪٽي ٻانهن، نه ٿول نه ڍنگ، نه باجو، نه گانو، نه ڍهل، نه دمامو... وڃ ڪري پٽ شادي ڪري آيو آهي."

ماءُ جو ننهن سان اسهڪار هلندو رهيو. نهن نوڪري ۾ ڪندي هئي ڪڏهن ٽي وي پروگرام ۾ ڏيندي هئي، تڏهن سندر سان گڏ دير سان موٽندي هئي. ماءُ جو اسهڪار اهڙو جو ڪملا کي ته ڪڏهن پلڪي ۾ پاءُ پاڇڪيءَ سان گڏ گهمڻ جي موڪل نه ڏيندي هئي.

ڪملا هاڻي ڪاليج پڙهڻ لڳي. سڪيون ساهيڙيون ايندون هيون ته انهن جي ڪل ڪل ۾ چوڪرن بابت يا چوڪرين بابت چرچا مسخريون ڪيس ڪين وٽندا هئا. گهر ۾ فقط ماءُ جي ساهيڙيءَ جو پٽ تلجو ڪڏهن ڪتاب يا نوٽس جي سلسلي ۾ ايندو هو.

ڪملا چيو، "مان ساهيڙيءَ کي ڪتاب موٽائي ٿي اچان." پر ڪملا جي ويندي ئي ماءُ ٻالڪنيءَ ۾ وڃي ڏٺي ته سندس اوسان خطا ٿي ويا. هي ڇا هو؟ تلجو ۾ الائي ڪٿي لڪو بيٺو هو. ڪملا کي ڏسي نڪري نروار ٿيو ۽ ٻئي ڳالهائيندا اڳتي وڌي ويا.

ٽئين ڏينهن مهل جڏهن واڇمئن ڏاڪڻ جي ٻاري ويو، تڏهن هيٺان ڏاڪڻ مان ئي ڪملا پڇيو، "نيلو ممي ڪٿي آهي ستسنگ مان؟"

نيلم چيو، "اڄ ممي ستسنگ ۾ نه ويئي آهي." جيئن ئي ماءُ ڪان ڊڄندي، ڪملا متي ڪئي، تيئن ئي موچڙن جو وسڪارو شروع ٿي ويو مٿانس.

ماءُ رات جو پٽ کي ٻڌائيندي چيو "قتل چوري آئي، قتليءَ نه منهنجو گهر!"

سندر وڪڙن وانگر پيٽ ڏي نهارڻ لڳو. ڪملا ڳوڙهن سان پريل نيڻ جهڪائي

چڙيا. چيائين ”مون... ڪجھ نہ.. ڪجھ نہ..“

سڏڪا ڀرڻ لڳي ڪملا.. سندر ايساهيءَ ۾ هو تہ آخر ڪهڙو ڪلور ٿيو آهي؟

”ڪجھ نہ ڪجھ نہ جي سگهي! وري جي توکي تلجي سان گڏ ڏٺو اٿم تہ پير ڀڃي ڦٽي رکندي ساڻ. منڊي ٽنڊي ڪري وهاريندي سانءِ... مٿان ڀيو ڪجھ سمجهو اٿيئي..“

سندر سامت جو ساهہ کنيو. ”اڙي تلجي سان گڏ ويئي هئي؟ تلجو تہ سٺو ڇوڪرو آهي. تنهنجي ستسنگياڻيءَ جو تہ پٽ آهي.“

جڻ باهہ جي ڀرندڙ ٻنديءَ مٿان گاسليٽ هارجڻ سان ڀپيڪ ڏني ماءُ سندر کي. بس، ڪن پڪڙي سندر اٽ ويهہ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي. هاڻي ڪملا هئي جا ڪل نہ روڪي سگهي. ڪملا جي ڳلن تي ڳوڙها هئا جي صبح جي ماڪ جيان چمڪڻ لڳا.

تڏهن ماءُ ٿڪ ٿيئي ڪلندڙ ۽ اٽ ويهہ ڪندڙ سندر کي ڀڀجا ڦهڪائي ڪڍيا.... پر سندر ڏاهو نڪتو. ماءُ کر پاڪر پڪي وجي پلنگ تي وهاريائين...

ستسنگياڻين سان گڏجي سندر جي ماءُ ٿورا ڏينهن شرڊيءَ مان رهي ملٽي. جڏهن ماءُ گهر ۾ گهڙي تڏهن سندس حيرت جي حد ئي نہ رهي، جو ڏٺائين تہ نراڻ پاڇائي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ تي وينيون آهن. ڏيءَ کي پاسيرو وٺي زور زور سان ايڏو جهٽڪيائين جو نيلم پنهنجي نراڻ سان ڳالهائڻ بہ گناهہ سمجهڻ لڳي. نيلم هٿ ڪٽي جوڙيا.

گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. اڇانڪئي ماءُ ڏٺو ڪملا روز سنيري سهي ڪونہ ڪوبهانو ڪري ٻاهر نڪري ٿي وڃي. مٿان ٻالڪنيءَ مان جاچ رکڻ سان معلوم ٿيس تہ تلجو بہ اڪثر ان ٽائيم تي ئي ٻاهر نڪري ٿو وڃي. هڪ ڏينهن رات جي وقت سندر جي ماءُ اڇي اوچنگارن ۾ ڇنڪي، سندر هڪوبڪو ٿي ويو. ماءُ چيو، ”هاڻي يا تہ تنهنجي جوءِ هن گهر ۾ رهندي يا مان.“

سندر سمجهي نہ سگهيو تہ آخر نيلم اهڙو ڪهڙو گناهہ ڪيو هو. ماءُ کان انجو سبب پڇيائين تہ انهيءَ ٻئي هٿ پنهنجن گوڏن تي هٽي چيو، ”مونکي تہ شڪ ٿو پوي

تنهنجي جوءِ جي اهڙي چايا پيئي آهي منهنجي ڌيءَ مٿان جو هوءَ بہ هاڻي ”تلجو“ٿي ٿي چئي اچي روئڻ ۾ چنڪي.

سندر چيو، ”تون اهو چو نہ ٿي ڏسين تہ ڪملا وڏي ٿي آهي ۽ گهر ۾ نيلم سان ڳالهائڻ کان بہ منع اٿس تہ هوءَ بہ ڪي هنڌ پيار ۽ ونڊر ٿي ڳولهي. تون جلدي ڪيس پنهنجي دلپسند ڇوڪري سان پرڻائي ڇڏ. ”ماءُ چيو، ”پر پهرين جوءِ ڪي گهر مان ڪڍ.“

سندر آخر بڙبڙي چيو، ”نيڪ آهي جوءِ اڪيلي تہ هن گهر مان ڪانہ نڪرندي، ضرور مونکي بہ نڪرڻو پوندو.“

ماءُ بہ ٻئي ٻہ ٻہ جا ڪڍي پنهنجي مٿي تي هنيا ۽ چيو، ”ڪني ڇوريءَ جي لاءِ ماءُ ڪي ڇڏيندين؟ جنهن ڪي اجا نياڻي ڪرڻ جو بار ڪلهن تي پيو آهي!“

سندر چيو، ”تون ئي تہ لاچار ٿي ڪرين نہ.“

هفتو گذري ويو. ماءُ پٽ، سس، ننهن ڪنهنکي بہ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جي همت ڪانہ پئي ٿي.

ڪملا کي راڳ ڳائڻ کان منع ڪئي ويئي هئي.بالڪنيءَ وٽ بيهڻ تي بہ بندش هئي. سڄو گهر ڪنهن عجيب گهٽ ٻوساٽ ۾ گهٽجي رهيو هو.

هڪ رات آڌيءَ جو ماءُ اٿي رڙيون ڪندي پٽ جي ڪمري ۾ گهڙي ٿي. ايساهيءَ ۾ پٽ کي ٻانهن کان پڪڙي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آئي.

سندر ڏٺو ڪملا تڏي تي بہ سڌ پيئي هئي. سندس وات مان گجي پئي نڪتي.

ميز تي مس ڪپڙيءَ هيٺان رکيل هڪ پنو پئي اڏاڻو. سندر مس ڪپڙي هٽائي پنو ڪڍي پڙهيو، لکيل هو:

”ممي! هيءَ گهٽ ٻوساٽ سني نٿي ٿئي. ٻاجهيءَ سان نہ ڳالهاءِ. هڪ ئي گهر ۾ بہ گهر آهن...

”راڳ نہ ڳاءِ بالڪنيءَ ۾ نہ بيهہ. ساهيڙين سان نہ ڪل. تلجي سان نہ ڳالهاءِ... تون چوندي آهين ڇوڪريون ٽڪي ٽيهہ پئسي ويهہ. سو تلجي ڪي تہ ڪوئي نقصان ڪين پوندو.. ملي ويندس ڪا مهانگي ڇوڪري. پر مون لاءِ... ڇوڪرا تہ ٽڪي

ٿيھہ ڀؤسي ويھہ ڪونہ پيا وڪامن! ڪيترو دک آھي. ڪيترو دکہ آھي... ممي چوندي آھينہبي چيوڀار مئو پلو.. مانڀبي چئي ٿيس... مري وڃان تہ خوش ٿج..“

# طلاق کان طلاق تائين

”ڏنو ڏنو !ھي چا ھي چا ھي“ چوندي گرڏاريءَ اچي ڏنوءِ کي چوٽيءَ کان جهلي، هٿ جي اشاري طرف سندس منهن ڦيرايو.

ڏنوءَ چيو، ”چڏ نہ مڻا، چوٽي چو ٿو پٽين؟“

”مان چوان ٿو رتنيءَ ۽ شون کي تو ماڙي تي چو موڪليو آهي؟“

”رتنيءَ چيو مونکي شون سان اڪيلائي ۾ ڪجهہ ڳالهائڻو آهي.“

”پر ڪڏهن اپسرا توکي چوي، مونکي هڪ پوت سان ڳالهائڻو آهي تہ تون چا ماڙي کولي ڏيندينءَ؟“

”سمجهين ٿو، اول چا وينو ڳالهائين؟“

”پهرين تو سمجهو آهي تہ تو چا ڪيو آهي؟ شون سان دوستي تنهنجي آهي نہ؟“

”جي مونسان سندس سچي دوستي هئي تہ پوءِ قبول چو ڪيائن تہ مان رتنيءَ سان ڳالهائيندس؟“

”تنهنجو مطلب آهي تہ نو وڪنسيبوردِ لنڪڪي قري ها؟“

”چڏ مونکي گرڏاري، مان اڳيئي خفي ويني آهيان.“

”گهر کيبڀاهہ لڳڪي، هاڻي خفي آهين! ڏن آهين، ماتا ڏن آهين.“

”مارينديسانءِ مڻا، وري جي مونکي ماتا چيو اٿيئي تہ ناهي ناهي ٿيھہ پادر هٽندي سانءِ تنهنجي نوڙهہ تي.“

”ڏنو، تو ميٺ ڪٺورو پاتو، پر فينسٽڪي چا چيز ٿيندي آهي، انجو پتو ڪونہ

پيءُ.“

ڏنوءَ پنهنجا وار پٽي چيو، ”مُئا هان وٽ پاڻ کي ماريان؟ ڪهڙي فينسٽڪي منهنجي هلندي؟ جڏهن شون ڇهَي چڪو آهي ته تنهنجي عمر مونکان چار سال وڏي آهي ته ڇا انڪانپوءِ ڪيس ڀڌي رکي سگهان ٿي؟“

”اڙي انهيءَ ٿوپڻ کي ڀڏ نه ڀڏ هوءَ ڀخمل ۾ ويڙهي رکڻ جهڙي گڏي چو ٿي مٿس نڇاور ڪرين؟“

”وچ چريا، گڏيءَ پاٽيهي اڇي گڏ وڳولهيو آهي ته مان ڇا ٿي ڪري سگهان؟“

”گڏو نه، ٿوپڻ ڇهَ ڳوليو اٿس.“

”تون حد آهين گرذاري، مونکي چوين ٿو ٿوپڻ کي هٿن مان ڇو ٿي وڃايان ۽ رتنيءَ لاءِ شون توکي ٿوپڻ ٿو لڳي.“

”اڙي ڏنو چري! رتني رتني آهي رتني ڏنو ناهي.“

”ها پڪي رتني تولاءِ گڏي آهي ۽ ڏنو هڪڙي ٿوپٽي آهي چو جو پيڻ اٿيئي نه.“

”اڙي ڀلا توکي ڪيئن سمجهايان....“

هفتي کن ڪانپوءِ گرذاريءَ ڏنو رتنيءَ سندس پيڻ ڏنوءَ جي گود ۾ منهن وجهو ويني روئي. ان مهل ته اتي ڪين ترسيو پر ڪاليج مان موٽيو ته سڌو ويو ڏنوءَ جي ڪمري ۾، ”چي، ڀڏاءِ اڄ رتنيءَ رنو چو پئي؟“

ڏنوءَ اکيون ڦاڙي چيو، ”هي ته عجيب مهاڀارت آهي ڀلا! اڄا ڪو شنڪ ڀ ڪونه وڃيو آهي ته لڙتڪي شروع ٿي ويئي آهي.“

”مطلب؟“

”شون چويس ٿو: اسين شادي ڪنداسين سول مئريج، يعني شادي جنهن ۾ پاڻ منجهه نه نهي سگهن تي طلاق ڀ ڏيئي سگهون.“

”ها، اها ته سني ڳالهه آهي؟“

”چريو آهين گرذاري! سوچ ته سهين، هيءَ گڏي آهي ڪهڙي گهر جي ڀلڪل جهوني زماني جي ڇوڪري.“

”ڇا پئي چوين ڏنو! جيڪا ڇوڪري پاڻ پنهنجو مڙس ڳولهڻ نڪتي آهي؟..“

”اڙيبابا تون ڪجھ ڪين سمجھندين. ڇوڪري مڙس ڳولڻ ڪانہ نڪتي آهي، شون جو ڪوئي ليڪ پڙهيو اٿس، جنهن ۾ شون لکيو هو تہ ٺئين زماني جي ڇوڪرن کي گهرجي ڇوڪرين کي پاڻ جهڙو سمجهن ۽ اسرڻ تي جهوني زماني جي مردن وانگربندشون نہ وجهن..“

”اڙي انهيءَ ڪري هيءَ گوري هلي آهي شونجي جي دواري؟... پر مونکي تہ عجب ٿو لڳي تہ هنبخمل جي گڏي کي کهڙو اسرڻ جو وجھ ڪپي؟“

”اڙيبابا هن کي آهي ڳڪڻ جو شونق...“

”اڇا اڇا پر هن شون جي مڙهيءَ ۾ ڳڪٽو تہ نہ، جهولٽو سو پوندس...“

”گرڌاري تون شل ڪنهن لاءِ ڌڪار ڌارڻ نہ شروع ڪرينبس انجي هر ڳالھ جي ڪل اٿلڪيندين. شون کي توئي گهٽين ۾ ڳڪيندو ڏنو آهي.“

”ڇڏ ڏنو، انکي تون ڇا ڳڪڻ ٿي سمجهين؟ اهو ڦاٽڻ ڇئہ، واڪا ڪرڻ ڇئہ، نعرا هڻڻ ڇئہ. مهرباني ڪري انکي ڳڪڻ جو شرف نہ ڏي...“

”ڇگو ڇگو توننبسلڪين چوندين. هڪڙ مزيدار ڳالھبڌايانءِ؟“

”هون.“

”رتنيءَ کي جڏهنبڌايم تہ شون گهٽينبازارين ۾ڀهي ڳڪيندو آهي تہ چوڻ لڳي تمام سٺي ڳالھ آهي، تانسين اگر غريببستيءَ ۾ وڃي سر سينگار رچڪئي تہ تانسين جي شاهاڻي دل کي سارا هڻ ڪانسواءِ رهي ڪونہ سگهبو.“

”تنهنجو مطلب، پاڻي انهيءَ ڪڙي تڪين چڙهي چڪو آهي!“

”توکي ڇيم جو رتنيءَ آهيئي اهڙي سياءَ جي جو رڳو ثوابئي ثواب ڏسڻ ۾ ايندو اٿس عيب ڏسڻ جي شايد قوتئي ڪين اٿس...“

گرڌاريءَ دل ۾ سوچيو يا تہ رتني سچ پچبلڪلئيبيوقوف آهي يا ڏنو حسد وچان ڪيس اهو لقب ڏنو آهي. ڪيس رتنيءَ جي اڄ واري هلت سان پهرين ڳالھ وڌيڪ نهڪندي نظرئي نہ تہ سول مئريج تہ عورت لاءِ آزاديءَ جو پروانو آهي، اها ڳالھ نہ سمجهي سگهڻ واري ڇوڪري واقعيبيوقوف هوندي...“

”خير ڇگوئي ٿيو.“ چئي گرڌاري هٿ چنبي اٿي ڪڙو ٿيو.

دعوت ڏني.

رتني هوٽل ۾ ملئي ته سندس ويس بلڪل ئي بدليل هو. کلڪيندي پيئندي ڏٺو، رتنيءَ کان ڪيئين سوال پڇندي ويئي.

شون جي موٽ بدران سندس زنده هجڻ جي خبر ٻڌي ڏٺو جا ڏند چپن سان لڳي ويا، ”ته ڇا لاءِ تو ڪيو آهي وڏوا جو ويس؟“

”بس...“ اکين ۾ ڇلڪندڙ آنسون ڪلي رهيا هئا يا روئي رهيا هئا، چوڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

”شون کي مان وٽيس ئي ڪين. منهنجي ڪلهه ڳالهه سڻي نه لڳس. منهنجي ڳئن ڪلا تي ٻ بندش وجهي ڇڏيائين.“

”پر ساري زندگي ته ڪوئي ڳئن ڪلا ڪونه ويهي ڏيکيندو؟“

رتنيءَ جون اکيون ڏٺو جي منهن تي هيون، ڏٺوءَ کي لڳو انهن اکين اندر هڪ سرءُ جي رت وارو طوفان ڪڙو آهي. جنهن ۾ زندگي جا سڪل ڪک پن، اڏي... نه... رڙهي رهيا آهن.

”سمجهيم تو شون سان شاديءَ ئي انڪري ڪئي هئي جو هن جو ليک پڙهيو هوءِ ته هو توکي پنهنجي ڪلا جو وڪاس ڪرڻ ڏيندو.“

”مگر ڪوئي سندس سنگت ۾ رهي پنهنجو وڪاس ڪري سگهي ٿو، انهيءَ ويچار جي گهمنڊ کيس سٽئي ڇڏيو. جيڪي ٻه ڳئن ديا جا ڪلاونت منهنجي سنگت ۾ ايندا هئا، انهن لاءِ کيس شڪ ٿيندو هو ته هو مونکي ڏاڍو چاهين ٿا...“

”پر رتني! تون آهين ئي چاهڻ جهڙي. هيڏيءَ عمر ۾ به تنهنجي ڪاڏيءَ جي ڪڏ ۽ ڪلڻ مهل ڳلن ۾ ڪڏڙيون ڏاڍيون وڻن پيئون.“

”شون جي پالنا اهڙي ٿيل هئي جو هنجي ڪڏهن منهنجي سونهن تي ته نظر ڪانه ويئي پر ٻين جي نظر تي به ساڙ ٿي ڪاڻئين.“

”مگر رتني اهي ننڍيون وڏيون ڳالهيون ته هر ناريءَ جي زندگيءَ ۾ پيئون اچن، ان جي ڪري تون شون کان ڌار رهين ۽ وڌوا جو ويس ڪرين مونکي ته ڳالهه ڏاڍي ڏک ڏيندڙ ٿي لڳي. منهنجي گهوٽ لکين رپيا ڇڏيا آهن مون لاءِ پر سندس

سرگواس ٿيڻ کانپوءِ ڪيتري اڪيلي ٿي پيئي آهيان توکي سمجهائي نٿي سگهان.“

”اڙي ديدي!“ رتني اکين ۾ آنسون ڀري ڏنو جا آنسو اگهڻ شروع ڪيا.

”ڇا منهنجي اڪيلائي مونکي تنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس نه ڪرائي سگهندي هوندي؟“

ٻنهيءِ ٻانهن کان رتنيءَ کي جهلي ڏنوءَ اوچنگار ڏيئي چيو. ”پوءِ ڇو ڇڏي ملئي آهين شون کي؟“

”اوهه! ڪاش ڪوئي مونکي سمجهي سگهي. منهنجي ملائم طبعيت، منهنجو سيني سان قربائتو وهنوار، ڀيد ڀاو کان پري من جو آنند، سڀ هن لاءِ ڪندابڻجي پيا. مت مائٽ منهنجي همدرد سياءَ ڪري ويجهو اچڻ لڳا ته شون کان سٺو نه ويو.“

”سمجهه ۾ئي نٿو اچي اهڙي خيالات ڪيئن اچي ويئي شون وٽ؟ منهنجو پاءُ... منهنجو گرڌاري ته شروع کان هن شاديءَ جي خلاف هو. هن نيڪئي پرکيو هو. توهان لاءِ چوندو هو اتر ۾ ڏکڻ ٻه ڪڏهن مليا آهن... مان چوندي هئس سچو پيار ۾ پتي پڳتي آهي ڪنهن ڇوڪري جي اندر، ته شو پاروتيءَ وانگر ميل ڪائي رهندا...“

”مگر گرڌاري هاڻي ڪٿي آهي؟“

”گرڌاري؟“ ڳوڙها اگهي ڏنو مٿي آڱر کنئين، سرڳ ۾ آهي. گرڌاريءَ کي زال اهڙي روڊ مليس جو ڪائڻ، پيئڻ ۽ جيئڻ حرام ڪري ڇڏيائينس. ڏاڍي وڏي ۽ ڇڙواڳ خاندان جي ڇوڪري هئي، سڄو ڏينهن سگريٽ لاهي سگريٽ چاڙهي، هتان قرض هتان قرضٻ ٻاهر جون ٽرپون هٽي، خوب فارين جا مال وني ايندي هئي، پر گرڌاري خود ليئرپورٽ تي سمگلرن مٿان نظر رکڻ جي عهدي تي هو ۽ خود سندس زال هڪ ڏينهن پڪڙجي پيئي. گرڌاريءِ بي عزتي سهاري نه سگهيو ان مهلئي وجي ليئر پورٽ جيءِ بلڊنگ مان ٽپو ڏيئي آپگهات ڪري ڇڏيائين...“

”اوهه...“ ساهه پڪڙيءِ ٻڌندڙ رتني جي زبان مان نڪري ويو. ”ڪاش طلاق

ٿيئي چڏي ها اهڙيءَ زال کي!"

"طلاق؟" ڪلي چيو ڏنو. "تونئي هئيئن نہ رتني! جنهن ڪنهن ڏينهن منهنجي گود ۾ منهن وجهي اچي رنو هو تہ شون کي سمجھائيس تہ "سول مئريج" نہ ، "هندو شادي ڪري مونسان. مونکي طلاق جي نالي کانبہ نفرت آهي."

اڄ رتنيءَ جو ڪنڌ هيٺ هو. آهستي چيائين. "آپگهات کانبچڻ لاءِ مونبہ طلاق وٺي ڇڏيو آهي..."

پڦيءَ جي هن ڳالهہ تي سڀ ٺهڪ ڏيئي کليا هئاسين. مگر اڄ جڏهن ڪنجهي جهڙي ڪل واري مينو نہ رهي آهي تہ مونکي اهي يادگيريون تيزاب وانگر پيئون ساڙين. 19 سالن جي نوڪريءَ اسانجي گهر ۾ الاجي ڪهڙيون ڪهڙيون فلمون ڏٺيون هونديون. وڃڻ جي ڳالهہ تہ، نوڪر اچا جيئرو هو منهنجي دل تانئي نٿي لٿي.

رات جو ڪيڏي دير تائين مونکي ننڊ ئي نہ پيئي ملئي، اٿي اچي بالڪنيءَ ۾ ويٺيس. گهر جا اٺئي ڪمرا اڄ سنسان پيا هئا. اڳي تہ هن مهل تائين هن گهر ۾ ڏينهن هوندو هو. اٺئي ڪمرا جهاڳن ۽ بلبن جي روشنيءَ سان، دوستن ۽ ساهيڙين جي ناچ ٽاپ ۽ انگريزي ڌنن سان پيا وڄندا هئا، اچا تہ بلباجن پر وارو هڪ بيوس فليٽ خريد ڪرڻ لاءِ رقم ادا ڪري ڇڏي هئي... پاڙي وارا اسانکي ڀاڳيشالي سمجهندا هئا... مگر مينوءَ جي خون ٿي وڃڻ تي تہ ڪاري چادر وچڪجي ويئي هئي هر چيز مٿان. پاڙي وارا هاڻي اسان لاءِ ڇا سوچيندا هوندا، سو تہ خدا ڄاڻي، ليڪن مٿن ملئڻن تہ حد ڪري ڇڏي هئي. جيترا هئا مک اوتريون ڳالهيون هيون. ورِي پڦيءَ جيباڪار سيني ڀڏي هئي جنهن رڙيون ڪري ڇاتي پٽي پٽي پئي چيو، "منهنجي ڪونجڙيءَ موت قبوليو پر عزت نہ وڃايائين" هن قسم جون ڳالهيون ڳٽي ڳٽي مان ڏاڍي بيزار ٿي پيئي هئس بالڪنيءَ ۾ بيٺي مونکي تارن پريو آسمان اوتروئي پري ٿي لڳو جيترا هي تيرهن ماڙ هيٺ ڌرتي تي. اوچتو ڪوئي پکي ڇهہ ڇهہ ڪندو آڪاس ڏي اڏامي ويو.

هيڏيءَ رات گذريي مينوءَ وانگر هيءَ ولر ڪان وچڙيل پکيءَ جي اڏام! اف هيءُ منهنجو وياڪل من! ڪهڙي آڪاس تي ڳولي پنهنجي ڪونجڙيءَ کي....